ڊاڪٽر نواب ڪاڪا

# منير احمد ماڻڪ : دانشور ڪهاڻيڪار

**Dr. Nawab Kaka**

***Abstract:***

## Muneer Ahmed Manik: An Intellectual Story Writer

*Sindhi story writers during different timings have represented the facts of society very bravely. Muneer Ahmed Manik was one of the great thinker, sensitive and courageous writer. Muneer emphasize the existence and thinkings in accordance with time, he supports/points out the educated class but neglected peoples of Sindh at same he exposes the dual characters of Pirs, Syeds, Landlords and Politicians. How a, helpless, broken peoples deprived peoples and think of so called morals and ethics. Muneer observe them with great deliberation and also suggest rational solution to these dilemmas. Sindhi society is surrounded by multiple issues. Muneer mentions all these issues of Sindhi society in his stories very effectively particular political, social, religious and economical issues. It is remained the matter of great importance that such issues must be addressed through literal approach.*

*Muneer has played his role very courageously and literally. Muneer seeks psychological analysis of Sindhi society and represents the facts and reality in very true sense.*

*In this research paper the emphasis has been made to the stories of Muneer Manik as we can be aware of his artistic thoughts and approach as could be able to understand his literal approach/position.*

*سنڌي* ٻولي ۽ ادب جي ميدان ۾ ڪن ليکڪن روايتن کي نظرانداز ڪندي، وقت ۽ حالتن جي ضرورت کي محسوس ڪندي، تخليق کي نوان موڙ ڏنا. سنڌي ڪهاڻيءَ جي کيتر ۾ منير احمد ماڻڪ اهڙن ئي ليکڪن مان هڪ آهي. هو جديد دؤر ۾ سماج جو گهرو نفسياتي اڀياس رکي ٿو. من جي پاتال ۾ لهي ايندڙ خيالن کي ڪهاڻيءَ جي ترتيب ۾ آڻي تخليق جو روپ ڏيئي، سماج جي سامهون آڻيو رکي. سندس اهڙي تخليقي ۽ تحريري بي ڊپائيءَ سبب ڪيس مخالفت جو به

منهن ڏسٽو پيو. شوڪت حسين شورو "اگھاڙو سچ" جي سري سان ماڻڪ جي لاءِ لکي ٿو:

"ماڻڪ جو وڏي ۾ وڏو ڏوهه آهي ئي اهو ته هو اگھاڙو سچ ٿو پيش ڪري. هن حقيقت تان ڪپڙا لاهي ڇڏيا آهن. آئون چاٽان ٿو ته اسان مان گھڻا ان ڳالهه کي قبول نه ڪندا. ها جي چاهين ته ماڻڪ کي دل کولي گاريون ڏيئي سگھن ٿا، پر اهو خيال رکن ته وڏي وات گاريون ڏيندي گھٻون وهائيندي، رڙيون ڪندي، چريا نه ٿي پون. ڪپڙا لاهي، رستن تي ڊوڙڻ نه لڳن. اسين مهذب ماڻهو آهيون. اسين رڳو بچڙو ڪنداسين ۽ ماڻڪ کي آهستي آهستي فضيلتن سان به ڪچيون گاريون ڏيئي ڇڏينداسين. تهذيب ۾ رک رکاءَ، مصلحت پسندي ۽ ٿوري منافقت اٽڻر آهي." (1)

ماڻڪ سارتر جي وجوديت واري فڪر ۽ نظريي کان متاثر آهي. سندس تحرير ۽ تخليق جو مرڪز انساني وجود ۽ سندس تهن ۾ لڪل حقيقتون آهن. اهي وجودي حقيقتون جيڪي دنيا جي ظاهري تهذيب ۽ اخلاق جي ڏيک ويک خاطر انسان ظاهر نه ڪندو آهي، پر موقعي ملڻ يا اڪيلائي ۾ اندر ئي اندر انهن سان ويڙهه جاري رکي ٿو. ماڻڪ اهڙن جذبن کي مهذب دنيا آڏو کولي رکي ٿو. ماڻڪ جي هر ڪهاڻيءَ ۾ انساني وجودي ضرورت اهم آهي، پوءِ اها جنسي بک يا بدحاليءَ جي ڳالهه چونه هجي، پر ماڻڪ انسان کي آزاد ڏسڻ چاهي ٿو. اها آزادي جيڪا وجوديت جي اهم نڪتن منجهان آهي ته انسان آزاد آهي. هن جي مٽان ڪو به اصول يا نظريو مڙهي نٿو سگھجي. انهيءَ صورت ۾ سماج يا ٻئي ماڻهوءَ جو وجود آزاديءَ جي راهه ۾ رڪاوٽ آهي، پر هتي سماج جون رسمون جاگيرداري نظام جا قدر ئي ماڻهن جي جيئڻ ۾ رڪاوٽ آهن (2)

منير جيڪو ماڻڪ ٻٽيو، سندس تحريرن ۾ قومي، سماجي، مزاحمتي ۽ حقيقت نگاريءَ جا سمورا رنگ موجود آهن. سندس ڪهاڻين تي تنقيد به ٿي آهي. ڪيس سماج ۾ قبول ڪرڻ کان انڪار به ڪيو ويو آهي. ماڻڪ معاشري ۾ تبديلي چاهي ٿو. اها تبديلي سماج جا ڪردار ئي آڻي سگھن ٿا. منير اديب جي ذميواريءَ کي اهم سمجھندي، ڪيس معاشري مان نراسائي ڪڍي آئيڊيل ڪردار تخليق ڪرڻ لاءِ چوي ٿو.

”جيئن ته اديب ساڳئي ماحول ۾ رهندي به عام ماڻهوءَ کان شعوري طور اڳيرو هوندو آهي، پر سماج ۾ لاشعوري ڪيفيت مان سرجيل نراسائيءَ جي رنجهه – ڪنجهه پوڙيندي، ليکڪ ڪي گهرجي ته پنهنجي لکڻين ۾ اتساهه جاڳائيندڙ آئيڊيل ڪردار تخليق ڪري، جيئن نراسائي اميد جو وڳو پهري.“ (3)

ماڻڪ سماج لاءِ زميني ۽ سائنسي حقيقتن کي سامهون رکي ٿو، جنهن ڪري هو ڪنهن فڪر جي تبليغ نٿو ڪري، نه ئي کيس ڪو علامتي انداز پسند آهي. سندس ڪردارن جو اڀياس سندس ڪهاڻين وسيلي ڪجي ٿو.

ماڻڪ جي ڪهاڻين جو مجموعو ”حويليءَ جا راز“ نالي سان پڌرو ٿيل آهي. سندس ڪهاڻين جي مجموعي ۽ ٽن ناولٽن کي گڏ ”ماڻڪ مِٺ سندوم“ (4)

نالي سان سنڌي ساهت گهر 2004ع ۾ شايع ڪرايو آهي. حويليءَ جا راز ڪهاڻين ۾ پهرين ڪهاڻي ”حويليءَ جا راز“ آهي. ڪهاڻي حويليءَ جي اندر رهندڙ عورتن جي ڪردارن جي ڪهاڻي آهي. ڏنل شاهه پنهنجي وڏي نياڻي جنت کي قرآن سان حق بخشايو، کيس دؤرا پوڻ لڳا. نيٺ لسي وٺڻ لاءِ ايندڙ هڪ ننڍي ٻار مان پنهنجي ضرورت پوري ڪرڻ لڳي. بي بيءَ جي جسم جي گرمائش، سونهن لساڻ ۽ نرميءَ جو شاندار نقش چٽيو ويو آهي. جنان کيس حويليءَ مان ڀڄائڻ لاءِ چوي ٿي، پر هي نينگر کيس جواب ڏئي ٿو، ٻار جي وڌندڙ جوانيءَ کي ڏسي کيس حويليءَ ۾ اندر اچڻ کان روڪيو ٿو وڃي، پر بي بي کيس رات جي اونداهيءَ ۾ گهر جي پٺئين پاسي اچڻ لاءِ دعوت ڏئي ٿي. ٻئي طرف سندس ننڍي ڀيڻ شهربانو جيڪا سونهن ۾ هن کان سرس هئي، هڪ شيدي جمعي پخاليءَ سان پچي ويئي، جنهن لاءِ عام راءِ هئي ته اها هاٿي ان ڪاري رڍ کي ڦٻي. سيد ڏنل جي دهشت پري شڪل کي ماڻڪ هنن لفظن ۾ چٽي ٿو، ”شراب جي نشي ۾ خماريل ۽ ٽانڊن وانگر ٻرندڙ اکيون، ٿلهن ۽ ڪارن چپن مٿان مروٽيل ڊگها شهپر، ماس ڀريل منهن، ٿلهو ڪنڌ، جنهن سان لوٺو ورائي ڪونه سگهندو هو. پنهنجي ٿلهي ڪنڌ کي پوئتي ڪري جڏهن ٺهڪ ڏيندو هو ته ڄڻ گجگوڙ پوندي هئي. سندس شڪل ياد ڪري مون کي ڏڪٽي وٺي ويئي.“ (ماڻڪ 20: 2004ع) پر اها ڏنل واري دهشت پري شخصيت اڪثر ڪري ڪراچي ۽ لاهور جي دؤرن ۾ هوندي هئي. سندن عورتون ڄڻ جانورن جيان واڙي ۾

واڙيل، جيڪي وجهه وٺي نيٺ پڳيون. ڪهاڻيءَ ۾ پيرن، سيدن ۽ اهڙن سمورن جاگيردارن جي ڪردارن جي اصليت کي سامهون آندو ويو آهي، جيڪي دولت جي لالچ ۾، پنهنجي انا جي تسڪين ۽ خاندان جي پُٺين روايتن جي پورائي لاءِ پنهنجي نياڻين ۽ ڀينرن جو ٻليدان ڏين ٿا، جنهن جا اڪثر ڪري نتيجا هن ڪهاڻيءَ جيان نڪرن ٿا. منير جي هيءَ ڪهاڻي وڏي دليري ۽ جرئت سان سماج جي بظاهر سگهاري ۽ ڏاڍي طبقي تي هڪ وار آهي، جنهن جو ڏک انهن محسوس به ڪيو هوندو.

ٻاهر ٻاڦ نه نڪري:

هن ڪهاڻيءَ جي اهم ڪردار نوجوان ۽ بيواهه عورت رضو آهي. نوجوانيءَ ۾ ئي بيواهه ٿيڻ بعد سندس من جي پاتال مان اهي جذبا اُڀري ٿا اچن، جيڪي فطري آهن، اٽل آهن. ماءُ ڏانهن حسد ڀريو رويو اٿس. ڪيس فجر ويل غسل ڪندي، پيءُ سان گڏ سمهندي سندس چال چلت ۾ بدلاءُ ڏسندي، سندس اندر ۾ باهه ڀڙڪي ٿي. پنهنجي هٿن جي ڇهاءُ مان، ٻار جي هٿن لڳڻ سان پاٽيءَ جي ڦڙن لڳڻ سان من مان سُرور جي سٽ اُڀري ٿي. فطري گهرج موقعي ملڻ شرط اُڀري اچي ٿي. نماز ۾ ٻيني چاتيءَ تي هٿ رکندي زور ڏئي ٿي. ڪيس ٻيهر شاديءَ جي آس اُڀري ٿي. ڪردار جي نفسيات ۽ وجود جي جبلي گهرجن کي ماڻڪ نهايت فنڪاريءَ سان پيش ڪري ٿو، جيڪو هڪ اٽل سچ ۽ حقيقت آهي.

حقيقت ۽ دوکو:

ڪهاڻيءَ جو موضوع ساڳيو آهي، پر واقعو بلڪل نئون آهي. ڪردارن جي فطري گهرج، اخلاقي ذميواري ۽ مدد جي احساس تحت ڊاڪٽر پنهنجي دوست رئيس قربان علي جي ڌيءُ شهزاديءَ سان اهو ڪري ويٺو، جيڪو شعوري طرح هو ڪڏهن به نه ڪري ها. عام ڪمرشل يا پروفيشنل ڊاڪٽر ناهي، ميڊيڪل کان سواءِ تاريخ، ادب، فلسفي ۽ نفسيات جو ڄاڻو آهي. پنهنجي اخلاق ۽ ڪردار ۾ به مڪمل آهي. محض ڇوڪريءَ جي حياتي بچائڻ، ڪيس ڪنهن معذوري يا مستقل مرض کان نجات لاءِ هو اهڙو قدم کڻي ٿو. ڪيس اهو احساس به اُڀري ٿو ته ڪٿي هن پنهنجي جنسي تسڪين لاءِ ته اهڙو عمل نه ڪيو هو، پر ان جي لاءِ ڪو به دليل ڪونهي. ڪيس ٽي ٻار آهن، پيار ڪندڙ گهر واري ۽ سندس مطمئن زندگي آهي. وڏيري ملڪيت جي

چڪر ۾ ڏيءُ جي شادي نه ڪرائي. هسٽريا جا وڏندڙ دؤرا هن کي پيڙي رهيا هئا. ڊاڪٽر سندس نجات چاهي هئي، پر ڇوڪريءَ کي پيٽ ٽيڻ ۽ ڇوڪريءَ پاران ہار نه ڪيرائڻ سبب وڏيري ڊاڪٽر کي شاديءَ لاءِ زور ڀريو، پر هن انڪار ڪيو. وڏيري کي خواريءَ جو ڊپ هو، پر ڪيس ڏيءُ جي فطري گهرج ۽ انساني بنيادي حقن ۽ آزاديءَ جي پرواهه نه هئي. ماڻڪ جي هيءَ ڪهاڻي زميني حقيقتن ۽ انساني نفسيات ۽ فطري حقيقتن کي وائکو ڪري ٿي. جن کي ڪڏهن به ڪو نظرانداز نٿو ڪري سگهي. ڪردارن جي وجود ۾ اٿندڙ ڪيترائي سوال ۽ جواب سندن من جي تهن مان اٿندڙ هر سوال ۽ احساس ۽ جذبي کي ماڻڪ کولي بيان ڪري ٿو.

هڪ ڪهاڻي سواءِ سري جي:

هيءَ ڪهاڻي جنهن جو ڪو سرو مقرر ناهي، اها عورت جي ڪردار جي ڪهاڻي آهي، جيڪا پنهنجي مخصوص نفسياتي انداز ۾ بيماريءَ جي بستري تي پنهنجي مڙس ۽ سڪينا جي باري ۾ اندازا لڳائي ٿي. هوءَ بيمار هجڻ باوجود مڙس جي گهرجن ۽ سڀاءَ کان واقف رهندي، اهڙا پهه پچائيندي رهي ٿي. ٻاهر در جا يا ڪنهن ڪٽ جا چيڪٽ ٻڌي مڙس جي ڪجهه ماڻڻ جا خيال اچنس ٿا، پر سندس گهر وارو سچو ڏينهن آفيس ۾، وقت گذاري ٿو، ڊيوٽيءَ جو پابند آهي. زال جي بيماري، قرض، آفيس جي بالا عملدار جو رويو، وجود جي جياپي لاءِ حيران آهي. ڪهاڻيءَ جا ڪيترا سرا آهن، عورت، سندس شڪ شبهي واري سوچ، فهم، برداشت، فطري گهرج کي دل سان تسليم ڪرڻ، سماج جي ظاهري سطحيت، ڪوڪلائپ، پاڇائين، سالين سان تعلقات وغيره. ڪهاڻيڪار هڪ ٻن ڪردارن ذريعي ڪيترن ئي ڪردارن ۽ موضوعن کي ڪهاڻيءَ ۾ آڻي ڇڏيو آهي.

پلاند:

ڪهاڻيءَ جو موضوع ساڳيو عورت، سندس وجود ۽ سندس نفسيات آهي. شاديءَ جي رسم، لاڏا، ڳيچ، نوجوان عورتن جون شرارتون، ٺهڪڙا، گلڻ ماءُ کي پٽ جي ماٽيل خوشي ۽ ڪنوار سان گڏ ڪمري ۾ بند ڪري، پنهنجي پهرين رات ياد ڪري ٿي. جسماني ۽ روحاني اذيت جو احساس، مرد جي اڳيان عورت جي بيوسي، مرد جو سگهارو وجود، سندس عورت ڏانهن رويو، ڪهاڻيءَ ۾ عورت جي وجود

جي تهن ۾ لڪل احساس جاڳن ٿا. اڄ ڇڻ هوءَ پنهنجو پلاند گلڻ جي ڪنوار ڪان وٺي رهي آهي. گلڻ ۾ پنهنجي وجود ڪي محسوس ڪري ٿي. منير ڪهاڻيءَ ۾ عورت جي نفسيات ۽ وجود ۾ ايندڙ نه صرف جنسي احساسن ڪي آڻي ٿو، پر طرح طرح جي ايندڙ احساسن ڪي سندس فطرت مطابق ڪهاڻيءَ ۾ پيش ڪري ٿو.

ڪاري:

ڪارو– ڪاريءَ جي موضوع تي منير جي مشهور ڪهاڻي آهي. ڪهاڻيءَ ۾ ڪردار جي اندر ٻرندڙ محبت جي مچ ۾ ماڻيل احساس آهن. عورت جي فطري جذبي، وفا ۽ محبت ۾ سر وڃائڻ واري ڪٿا آهي. سچڻ جي هنج ۾ سندس گهرا گهرا احساس جاڳن ٿا. جان جي پرواهه نٿي ڪري، سچو ڏينهن ۽ رات ڪيس انهن انجام ڪيل گهڙين جو اوسيئڙو آهي. مرد جي گيدي پٽي ۽ مهل تي پاڇ ڪي به ماڻڪ نهايت ماهرانه انداز ۾ پيش ڪيو آهي. مهل اچڻ تي سر جي سودي جو انجام ڪندڙ گيديءَ جيان وٺي ڀڳو. هيءَ سماجي حقيقت آهي ته اڪثر عورت ئي ڪاري ٿي مري ٿي. مرڻ ڪان پوءِ سندس لاش ڪي چچري ائين لوڙهيو ٿو وڃي، جو سچاٽپ ڪان ٻاهر آهي. صرف ايتري سچاٽپ آهي ته هوءَ ڪاري آهي. ڪهاڻيءَ ڪي ماڻڪ ٻهراڙيءَ جي پيچرن، رواجن ۽ احساسن سان گڏ اُٽي پيش ڪري ٿو. سماج ۾ ٻي حسي به آهي. ڪاريءَ جو ٻڌي هر ڪو پنهنجي ڪرت ۾ لڳي ٿو. سماج لاءِ ڇڻ اهو قابل قبول فيصلو هو. ماڻڪ لفظن، انداز ۽ سچائيءَ جا اهي فطري نفسياتي رنگ ڀري ٿو، جن جي ڪري ڪهاڻيءَ جو اثر پڙهندڙ تي گهرو ۽ چانيل رهي ٿو. ڪارو – ڪاريءَ جي موضوع تي جمال ابڙي جي سينڌ، اياز قادري جي ڪاري ۽ امر جليل به بهترين ڪهاڻي لکي آهي. منير احمد ماڻڪ جي ڪهاڻي بلڪل منفرد ۽ سماج جي حقيقي ڪردارن جي تصوير آهي.

پهرين انام ڪهاڻي:

ماڻڪ سنڌي ٻوليءَ جو سائنسي ۽ نفسياتي سوچ رکندڙ هڪ اهڙو دانشور ليکڪ آهي، جنهن جي وجود ۾ سوچ لوچ، مسئلن جي حل لاءِ هڪ واٽ آهي. اهڙو حل شايد ٻين وٽ به هجي، پر دليلن سان ان جو اظهار صرف منير ماڻڪ ئي ڪري سگهيو آهي. ماڻڪ هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ مشهور ۽ پڙهيل ڪڙهيل وڪيل گل محمد جي ڪيل

ڪم ۾ ٿاٽي ۾ سندس مرڻ ڪان هن ڪهاڻيءَ جي شروعات ڪئي آهي. وڪيل هڪ سماجي دانشور به آهي، ڪامياب ۽ خوشحال زندگي گذاريندڙ، سندس پٽ آفيسر آهي، زال کي گهر ۾ برابريءَ واري حيثيت سان گڏ ڪيس پنهنجو ويجهو همدرد دوست ۽ ساٿي سمجهي هر معاملي ۾ مشورو ڪندو رهي ٿو. سندن هڪ ڌيءُ نفسياتي مريضه آهي، ڪيس دؤرا پون ٿا. چريائپ جي حالت ۾ روئڻ پٽڻ، دانهون ڪرڻ، ڀڄڻ، ڊوڙڻ، علاج لاءِ آمريڪا تائين ويو، پر ساڳي حالت، شاديءَ لاءِ به تياري هئي، پر ڇوڪري ٺيڪ نٿي رهي ۽ هنن اهو وبال ڪنهن ٻئي جي ڳچيءَ ۾ وجهڻ به مناسب نه ڄاتو. وڪيل يونان جي اسپارٽين جي فلسفي ۽ ڏاهپ جي سماجي پهلوءَ تي غور ڪرڻ بعد سندس اڻ پوري معذور ۽ سماج ۾ ڄڻ نه هئڻ برابر وجود کي ختم ڪرڻ لاءِ قدم کڻي ٿو. پاڻ به دل جو مريض آهي. سماج ۾ فرد جي اهميت، حيثيت سندس صحتمند ۽ سالم ذهنيت ڪري ئي آهي. اهڙي ذهني ڪمزور، سماج تي بوجهه کي ماءُ پيءُ ته سنڀالي وٺن ٿا، پر بعد ۾ سماج کين ذليل ۽ خوار ڪرڻ سان گڏ تماشو سمجهي ٿو. اهڙين ديوانين عورتن کي به وحشي سماج جنسي بک جو نشانو بڻائڻ کان به ناهي رهيو. ماڻڪ سلجهيل ڪردار جي ذريعي اهڙي منجهيل سُٽ کي سلجهايو آهي. ڌيءُ جي قتل جي ڏوهه ۾ گرفتاري ڏيئي پاڻ جيل ۾ وفات ڪري ويو. اياز قادري جي "حيوان" ڪهاڻيءَ ۾ ديواني عورت جي ٿيل تذليل جو عڪس پيش ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ سماج صرف تماشائي بڻيل آهي، ان ڪري ماڻڪ هڪ ڏاهي جيان بي رحم سماج ۾ جيئڻ جو هڪ ڏانءُ ڏسي ٿو. ماڻڪ جي انام ڪهاڻي صحتمند معاشري سان گڏ روڳي سماجي ذهنيت رکندڙ معاشري جي تصوير پيش ڪندي ڪيترائي نام رکي ٿي.

ٻي انام ڪهاڻي:

ٻي انام ڪهاڻي ذهني ۽ نفسياتي طور سمجهدار ڪردارن جي آهي. ٻن استادن مرد ۽ عورت جي هڪ ٻئي طرف ڪشش، ويجهڙائي، هڪ ٻئي جي حالت ۽ گهر ۽ خاندان جي باري ۾ ڄاڻ، ذهني ۽ دلي طور هڪ ٻئي کي قبول ڪرڻ باوجود هڪ ٻئي کان جدا ٿي ويا. خواب ساڀيان نه ٿي سگهيا. نوجوان کي ڳوٺان خط آيو، سندس رشتو سؤٽ سان طئه ڪيو ويو. امير گهراڻو ۽ پنهنجا رشتيدار هئا. هن به ساٿس ها ۾ ها ملائي ڪيس دليل ڏنو ته سندس ماءُ کي به سندس پيءُ باوجود پيار جي پرڻي جي گهران ڪڍي ڇڏيو هو. ڪيس سلهه هئي،

جنهن ۾ تڙپي مري ويئي. سندس ناني به ائين ٿي ۽ هاٿي ڪيس به سلهه آهي. هوءَ سندس زندگي خراب نٿي ڪرڻ چاهي. پيار جي چولي ۾نهي طرف وڌندي رڪجي وڃي ٿي. هڪ ڏينهن هوءَ واقعي به سلهه وگهي وفات ڪري وڃي ٿي. زندگيءَ ۾ هڪ عام استادن کان ويندي گرلس اسڪول جي هيڊ مسٽريس تائين جي سفر ۾ پوکيندي وجود ۾ ڪاڇندي رهي. ماڻڪ ڪردارن جي عمل فيصلي ڪي سماج جي سامهون پيش ڪري، انهن جيِ نالن جو انتخاب ڇڻ پڙهندڙ تي ڇڏي ٿو ۽ ڪردارن جي هر عمل لاءِ عقلي دليل ڏيئي ثابت ڪري ٿو ته واقعي هڪ سلجهيل ڪردار ڪي اهڙين حالتن ۾ ٺيڪ اهڙو ئي عمل ڪرڻ گهرجي.

ٽين انام ڪهاڻي:

ماڻڪ جي هيءَ ڪهاڻي به اهڙي موضوع تي آهي، جنهن تي اڳ به ڪهاڻيون لکيون ويون آهن. پيري مريديءَ جي چڪر ۾ مريدن جي تذليل، هنن جي نياڻين، عزت، رزق ۽ زندگيءَ سان ڪيڏندڙ ڀيانڪ ڪردار پير مرشد ڪهاڻين جو موضوع رهيو آهي. منير احمد ماڻڪ ان کي بلڪل نرالي انداز ۾ سماجي حقيقتن جي روشنيءَ ۾ پيش ڪيو آهي. ٻه گبر پير پنهنجي سياسي ويڙهه لاءِ پنهنجي پنهنجي مريدن وچ ۾ خوني ويڙهه ڪرائين ٿا. اها ويڙهه جنهن جو ڪو به مقصد ناهي. اهڙي رت جي راند کان پوءِ جو نظارو ماڻڪ هن طرح بيان ڪيو آهي: ”لاش جي ڳاٽاٽي کان ٻاهر هئا، لاش جن مان ڪن جون اکيون بند هيون، ته ڪن جون ڪليل ۽ آسمان ڏانهن واجهائيندڙ، ڪن جا وات ڦاٽل هئا ته ڪن جا بند، پڳل عضوا، چچريل جسم ۽ رت ۾ ٻڏل لاش، اڄ جي سهارن سپان جي اميدن جا لاش، لاش مائرن جي آس جي تارن، ڀينرن جي آسن اميدن ۽ سهاڳڻين جي سهاڳن جا لاش، انهن انسانن جا، جي مئا هئا. پنهنجو پاڻ لاءِ نه، پنهنجن ٻچن لاءِ نه، ساٿيهه لاءِ نه، زندگيءَ جي خوشحالي ۽ پيار جي بقا لاءِ نه.“ (5) انهن گبر پيرن سياسي تڪبنديءَ تان عام انسانن جي رت ذريعي هڪ ٻئي جي سگهه جو اندازو لڳائي سياسي مصلحت کان ڪم وٺندي، هڪ ٻئي سان ٺاهه ڪري تڪ ورهائي ڪنيا. ڪيڏي نه ڀيانڪ حقيقت آهي. ماڻڪ جا لفظ تاريخ جو لڳ ڪانداريندڙ باب آهن: ”۽ پوءِ ساڳئي شهر جي ساڳين روڊن تان، ٻنهي پيرن جون جيپون چيچاٽ ڪنديون امن ۽ صلح سان لنگهنديون آهن، انهن مئلن مريدن جي روحن کي ڪُچليندي، جيئرن

مريدن جي ساڃهه، سمجهه ۽ عقل کي چيپاٽيندي.” (6) ڪهاڻيءَ ۾ ماٺڪ واضح طور عام جي سمجهه ۽ عقل کي جنجهوڙي ٿو. ڪردارن کي سچ، ساڃاهه ۽ حقيقت جا رنگ ڏيکاري سجاڳ ڪرڻ لاءِ ضمير کي ڇُهندي هٿي جاڳائي ٿو.

بيٺل ڦيرو:

عنوان ۾ ئي سچي ڪهاڻي سمايل آهي. ڪهاڻيءَ ۾ جيل جي اندر آزاديءَ جو ڏينهن ملهائجي رهيو آهي. جيلر آزاديءَ بابت قيدين سان ڳالهائي ٿو. هڪ حساس انسان جو ڪردار آهي. آزاديءَ بابت جيل بابت جيلر ۽ سپاهين بابت سوچيندو رهي ٿو. ٻاهر زندگيءَ کي ساڳئي ڦيري ۾ محسوس ڪري ٿو. گهر ۾ ان مهل روزانو ساڳي ڪرت بابت، زندگيءَ جي سبب ۽ ان جي هلندڙ ساڳئي وهنوار بابت لوچيندو رهي ٿو. ڪيس هر جاءِ تي جمود نظر اچي ٿو. اهڙو ڦيرو آهي، جيڪو ساڳي جاءِ تي بيٺل آهي. حالتون، سماج، انسان هڪ ئي مدار ۾ ڦِري رهيون آهن. ڪهاڻيءَ ۾ حساس ڪردار سماج جي بيٺل نظام، کوکلين دعوائن بابت گهرو سوچي ٿو.

وقتائتو موت:

هيءَ ڪهاڻي سنڌ جي اهڙي سنجيده گريجوئيٽ نوجوان جي ڪردار جي ڪهاڻي آهي، جيڪو ايم.اي. ڪرڻ کان پوءِ جمهوري حڪومت ۾ مسلسل انٽرويو ڏيڻ، وڏيرن ۽ سياستدانن جي درن جا ڌڪا کائڻ باوجود بيروزگار ۽ ڌرتيءَ تي وجود جو بوجهه کڻي پيٽڪي رهيو آهي. پيءُ ۽ مائٽن، عزيزن جا مهڻا، نيٺ هڪ ڏينهن ڪيس مئل حالت ۾ ڏٺو ويو. نوجوانيءَ جي دؤر ۾ زندگيءَ جي پڄاڻي ٿي. ڪهاڻيڪار اهڙي موت کي اهڙي حياتي تي ترجيح ڏيندي وقتائتو موت عنوان ڏنو آهي.

ڪلارڪ جي پهرين تاريخ:

هڪ ڪلارڪ سڄي مهيني جي گهر ۽ ٻارن جو حساب لڳائيندي، ان گهر جي خرچن کي چؤٽو ڏيکاريو آهي. گهر جون، ٻارن جون گهُرجون قرض کڻڻ باوجود پوريون نٿيون ٿين. مٿن مائٽن ۾ شادي غمي ان کان علاوه آهن. هڪ ملازم ماٺهو جيڪو پنهنجي جائز پگهار تي گذارو ڪندڙ آهي، ان ڪردار جي ڪهاڻي آهي. مهيني جي آخر ۽ پهرين تاريخن ۾ صرف حساب ڪندو رهندو آهي ۽ مسئلن ۾ گهيريل

رهندو آهي. منير جي ڪهاڻي اڄ به ساڳي حالت ۾ سماج جي حقيقي ڪردارن جي سچي تصوير آهي.

اتساهه جو موت:

هن ڪهاڻيءَ ۾ ماڻڪ ملڪ جي سياسي، سماجي، مذهبي ۽ تاريخي پس منظر ۾ ڪيترين ئي ڪهاڻيون لکي ويو آهي. هر دؤر ۾ هر دل ڏهڪائيندڙ، انسانيت کي لڄائيندڙ واقعي تي لکڻ وقت اتساهه مروٽيل آهي. قلم هٿ ۾ هوندي به ڪاغذ خالي آهي. ڌرتيءَ تي انسان لاءِ ڪو به اهڙو اتساهه ناهي، جنهن کي ڏسي زندگيءَ جي وصف صحيح ۽ سچي لڳي. هن ڪهاڻيءَ ۾ 1960ع واري جنگ ۾ بيگناهه هندن کي مارڻ، مزدورن کي جائز حق گهرڻ تان گولين جو کاڄ بڻائڻ، بلوچستان ۾ عورت سان ٿيل ظلم، ون يونٽ جو دؤر، ٻوليءَ لاءِ ٿيل فسادن ۾ نوجوانن جو مارجڻ، ڪيترائي اهڙا واقعا آهن، جن ۾ اتساهه کي موت آهي. زندگي بي جان پُرزي جيان آهي، ان ۾ اُٿل ناهي، انقلاب ۽ تبديلي ناهي.

مئل زندگي:

ماڻڪ هن ڪهاڻيءَ ۾ شعور جي وهڪري ( Stream of consciousness) واري حالت ۾ خط، ڊائري ۽ دوست سان ڪچهريءَ ۾ زندگيءَ بابت پنهنجا ويچار پيش ڪيا آهن. سماج ۾ وڌندڙ غير يقيني، منافقت، ڪوڙ ۽ نڀي، ڏاهپ جو فقدان ۽ ڪيترائي تصور آهن هن ڪهاڻيءَ ۾. ماڻڪ زندگيءَ جي اهڙي وهنوار کان تنگ ٿي، اهڙي زندگيءَ کي مئل سمجهي ٿو.

نوٽبڪ/ ڊائريءَ منجهان:

هن ڪهاڻيءَ ۾ ماڻڪ جو ساڳيو موضوع وجود، بيروزگاري، وڏيرن جي حڪومت يعني هڪ سياسي پارٽيءَ جي حڪومت ۾ سنڌ جي بيروزگار نوجوان جي ذلت ڀري زندگي، ڇريو ٿي ذميوارين کان آجو ٿيڻ چاهي ٿو. نيٺ آپگهات ڪري انت آڻي ٿو. ماڻڪ پنهنجي عملي زندگيءَ ۾ اهڙو عمل ڪري ڏيکاريو. هن قلم هلايو، لکيو، سماج جي بي حيائين تي، براين ۽ منافقين تي، نيٺ جنگ هارائي ويٺو.

انسان بوءِ انسان بوءِ:

هن ڪهاڻيءَ ۾ ماڻڪ علم الانسان جي ماهر جيان ڌرتي ۽ انسان جي ناتي جو ذڪر
ڪندي، سندس يعني انسان جو ڌرتيءَ سان عشق ۽ جنهن حصي تي رهي ٿو، انهيءَ مناسبت سان پنهنجي سڃاڻپ ۽ ٻوليءَ جي بقا لاءِ آواز، محبت جي اظهار ڪي فطري انساني جبلت سڏيو آهي. ٻئي پاسي اهڙا پاليل شڪاري ڪتا آهن،جيڪي انسان ۾ انسانيت ۽ بنيادي انساني جبلتون ڳوليندا "انسان بوءِ انسان بوءِ" ڪندا وتن ٿا. ماڻڪ انسان جي قومي ۽ پنهنجي ڌرتيءَ جي سڃاڻپ کي فطري ڄاڻائيندي، ان نعمت کي هن ڪهاڻيءَ ۾ پيش ڪيو آهي.

روبوٽ:

ماڻڪ هن ڪهاڻيءَ ۾ انساني وجود تي سائنسي انداز ۾ غور ڪندي، ساڳي روٽين ۾ ساڳيا ساڳيا ڪم، ساڳيون حالتون، ڇڻ مشيني دماغ ۾ اڳيئي سونپيل ڪم صرف انهن کي سرانجام ڏيڻو آهي جهڙين حقيقتن کي پيش ڪيو آهي. اڄ جو انسان احساس کان خالي آهي. سندس وجود ڏک، خوشي، ڪاوڙ، همدردي ۽ انسانيت جي بنيادي خاصيتن کان خالي هڪ روبوٽ جيان آهي. ماڻڪ انسان جي اهڙي ڇسي ۽ بي حس ڪردار کي روبوٽ سان ڀيٽ ڏني آهي.

گئس چئمبر:

ماڻڪ هن ڪهاڻيءَ ۾ انسان تي زوريءَ مڙهيل مذهبي نظريي کي موضوع بڻايو آهي جن عام سماج کي ڄڻ گئس چئمبر ۾ بند رکيو آهي، جتي گهُٽ ٻوسٽ آهي. نڪرڻ لاءِ ڪا واهه ناهي، ديوارن مٿان ديوارون، انهن تي مذهب جا مقدس لفظ آهن. ڪهاڻي سماج ۾ مذهبي انتهاپسندي ۽ فرد جي فرد کان دوري ۽ گهُٽ ٻوسٽ واري ماحول جي پس منظر ۾ آهي.

منير احمد ماڻڪ هڪ حساس ۽ ذميوار ليکڪ جي حيثيت ۾ انساني وجود جي حقيقتن تي حالتن جي پس منظر ۾ لکيو آهي. هن رک رکاءُ ناهي ڪئي، نه ئي علامتي انداز اختيار ڪيو آهي، نه ئي ادب ۾ نعري بازيءَ کان ڪم ورتو آهي. سچ کي سائنسي انداز ۾ پيش ڪري ٿو. انساني وجود، سندس فڪر ۽ تحرير جو مرڪز آهي. علم الانسان جي ماهر جيان هڪ ڏاهو ۽ فلاسافر ٿي سماجي ۽ نفسياتي تجزيو پنهنجي ڪهاڻين ۾ پيش ڪري ٿو. موهن ڪلپنا،

ماڻڪ لاءِ لکيو آهي: ”ماڻڪ لاءِ قوم پرستي خود ۾ هڪ محدود چيز هئي، مگر سندس جديديت کيس هر چيز اٿلائي پٿلائي ڏسڻ لاءِ مجبور ڪيو ۽ هن ڏٺو ته سندس پير پنهنجي زمين ۾ وقت ۾ پختا هئا، ان ڪري هو هستيواد جي نظريي کي انهيءَ جي جائز زبان بخشي سگهيو آهي.“ (7)

ماڻڪ جنهن پايي جو جديد ڪهاڻيڪار آهي، کيس ايتري مڃتا ناهي ملي. سنڌي سماج مان علم، ڏاهپ ۽ مطالعي جي کوٽ شايد منير احمد ماڻڪ کي سمجهڻ وارن جو تعداد گهٽائي ڇڏيو آهي. ماڻڪ منفرد ۽ ادب ۾ الڳ روايت جو وارث آهي. سچ کي ڪو به لباس نٿو پارائي. هن کي پنهنجي اصل صورت ۾ ئي عام جي اڳيان آڻي ٿو.

منير ماڻڪ سماجي دانشور بڻجي وجود جي تهن کي کولي ٿو. سنڌ جو سيد، وڏيرو، سياستدان ۽ بيروزگار نوجوان جي ڪردارن کي وڏي بهادري، سچائي ۽ دانشمنديءَ سان پيش ڪري ٿو. پنهنجي انام ڪهاڻين ۾ نفسياتي توڙي سماجي مسئلن، انهن جي نجات جون واٽون ڏيکاريندي، مسئلن ۽ انهن جي حل جي لاءِ وٽس سگهارا عقلي دليل آهن.

حوالا:


1. شورو، شوڪت حسين، (2004ع)، ”ماڻڪ مڻ سندوم“ ، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد.
2. ميمڻ، عبدالغفور، ڊاڪٽر (2002ع)، ”سنڌي ادب جو فڪري پس منظر“ ، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي.
3. ماڻڪ، منير احمد، (2004ع) ”ماڻڪ مڻ سندوم“ ، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد.
4. ايضاً.
5. ايضاً.
6. ايضاً.
7. ايضاً.